ڊاڪٽر فياض لطيف

# ميين شاهہ عِنات جي شاعريءَ ۾ جمالياتي نُدرتون
# Asthetic Qualities in the Poetry of Miyon Shah Inat Rizvi


## *Abstract:*

*Miyon Shah Inat Rizvi, the great classical poet of Sindhi language, composed poetry on classical themes in the Forms of Bait and Wai. Collection of his poetry is published under the title “Miyon Shah Inat Jo Kalam”. Shah Inat Rizvi comes in a galaxy of great classical poets of Sindh, who have expressed their profound feelings in search of the absolute beauty and the beauty which exist in all shapes of nature, in all creatures, including the beauty of good thinking and good deeds of mankind.*

*Aesthetics is a science of observing beauty in nature, human creations, characters, ideas and good deeds. All the colors of nature, Arts and literature which provide pleasure and real Joy to human mind belong to aesthetics. Therefore aesthetics analysis literature & arts to find out the basic truth, principles, values, elements and their compositions, in order to view their existing beauty.*

*Poetry of Shah Inat bears multidimensional colors of beauty in its themes and art. His wisdom, language, metaphors, symbols, all together brought out a classical message of beauty. In this paper I have traced out some aesthetic qualities of the poetry of Shah Inat Rizvi.*


جماليات جو لفظ پنهنجي معنوي توڙي اصطلاحي وجود ۾ وڏي جامعيت ۽ وسعت جو حامل آهي. دنيا جي هر اها چيز جماليات جي دائري ۾ اچي وڃي ٿي، جنهن جو تعلق ’حُسن ۽ جمال‘ سان آهي. فطرت جون رنگينيون، ادب ۽ آرٽ جون لطافتون، فنون لطيفہ ۽ زندگيءَ جون ٻيون اهڙيون سموريون حُسناڪيون، ۽ دنيا جا ٻيا مِڙئي متاثر ۽متوجهہ ڪندڙ دل ۽ دماغ کي وڻندڙ موهيندڙ لقاءَ ۽ مظهر جماليات ۾ شامل آهن، جن مان انسان حِسياتي ادراڪ ذريعي حِظ حاصل ڪري، پُرجهي، پِرائي، ڪجهہ نہ ڪجهہ ماڻي ۽ محسوس ڪري ٿو.

جماليات، جنهن کي انگريزيءَ ۾Aestheticsچيو وڃي ٿو ان جي وضاحت ۽ وصف پال فورڊ (Paul Ford) پنهنجي هڪ مضمون ۾ هن ريت ڪئي آهي:

“The word – aesthetics – derives from the ancient Greek word aisthanomai, which means perception by the senses. As such, it is used in modern English as a noun, in the sense that something can appeal to the senses. Since the meaning of the word relies upon sensory perception, its definition is



fluid, varying through time and it is subjective, differing between people and cultures.

In a more general sense, aesthetics as a philosophy refers to the study of sensory values. This means the judgement or evaluation by the senses and through time has come to refer to critical or philosophical thought about art, culture andor nature. (Paul Ford: 2009:130)

ٻين لفظن ۾ جماليات ’احساسِ جمال ۽ ادراڪِ حُسن‘ جو نالو آهي، جنهن جو تعلق بصيرت سان بہ آهي تہ بصارت سان بہ. اصل ۾ لفظ ’جماليات‘، جيڪو ’جمال‘ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ ئي ’سونهن ۽ حُسن‘ آهي، ان ۾ اهڙي لطافت، نفاست ۽ نزاڪت رکيل آهي،جو ان لفظ کي اُچاريندي ۽ اظهاريندي ئي، ذهن ۾ سونهن ۽ سُندرتا جو هڪ عجيب احساس ۽ تصور اُڀري اچي ٿو. ان تصور ۾ تخيل جا رنگ بہ آهن تہ، حقيقت جون رنگينيون، رونقون، راحتون، ايتري تائين جو زندگيءَ جي سمورين تلخين، درد جي دلڪشين، جذبن جي جاذبيت ۽ سونهن جا سيئي روپ سَروپ ان ۾ اچي وڃن ٿا.

سونهن ڇا آهي؟ ان سوال جو جواب آسان بہ آهي تہ، تمام گهڻو مشڪل بہ. آسان انهيءَ ڪري، جو سونهن جو احساس ۽ اِدراڪ گهڻو ڪري انفرادي ۽ ذاتي تجربن، مشاهدن ۽ محسوسات جو نتيجو هوندو آهي، ان ڪري هر ماڻهوءَ وٽ سونهن جي پنهنجي وصف ۽ وضاحت ٿئي ٿي، جيڪا هر ڪو پنهنجي فهم، اِدراڪ ۽ احساس جي بنياد تي اظهاري ۽ بيان ڪري ٿو. ان ڪري هر فرد وٽ سونهن بابت پنهنجي انفرادي راءِ ۽ ڪا نہ ڪا وصف ضرور موجود رهي آهي.

حُسن جي وصف مشڪل انهيءَ ڪري آهي، جو ان جون ايترين تشريحون، وضاحتون ۽ تعريفون موجود آهن، جو انهن مان ڪنهن هڪ کي حتمي ۽ ڪُلي نہ ٿو چئي سگهجي. سونهن پنهنجي جوهر، جوت، جمال ۽ همہ گيريت جي لحاظ کان سچ تہ ايتري ئي وسيع آهي، جيتري خود هيءَ ڪائنات وشال آهي ۽ ان جون گهڻ رُخيون وسعتون آهن. سونهن جي همہ گيريت جو اندازو ان ڳالهہ مان بہ لڳائي سگهجي ٿو تہ، ”ڪٿي سونهن سائنس بڻجي سامهون اچي ٿي، ڇاڪاڻ تہ مشاهدي جي ڳالهہ ڪري ٿي. ڪٿي سونهن نفسيات جو موضوع بڻجي ٿي، ڇاڪاڻ تہ ذهن تي اثر ڪري ٿي. ڪٿي سونهن فلسفي جا پَرت کولي ٿي، ڇاڪاڻ تہ ڪائنات جي تخليق جي بنيادي سوالن جي هيانءَ ۾ هٿ وجهي ٿي. ڪٿي سونهن فن بڻجي فنڪارن کان گَشتَ ڪَٽائي ٿي. ڪٿي سونهن تاريخ بڻجي صدين جو سفر ڪري ٿي تہ، ڪٿي

وري سونهن ڪلچر ٻڌجي قومن ڪي پنهنجي حصار ۾ وٺي ڇڏي ٿي"(مهراڻي: 2016: 8).

مطلب تہ سونهن، زندگي ۽ سنسار جي اها صداقت آهي، جيڪا دنيا ڪي جاذب ۽ حُسناڪ بڻائڻ سان گڏوگڏ انسان ڪي نہ رڳو جياپي جو اُتساهہ آڇي ٿي، پر ان ۾ موجود تخليقي صلاحيتن ڪي اُجاگر ڪري، فنونِ لطيفہ ڪي پڻ جنم ڏئي ٿي.

جماليات جي هڪ اهم خاصيت اها بہ آهي تہ اها لطيف فنن ۾ حُسن جي ماهيت،ان جي ترتيب، تناسب، توازن ۽ آهنگ جو تعين ڪرڻ کان علاوه حُسن جي پرک جي اصولن ۽ انهن اصولن جي روشنيءَ ۾ ڪنهن فن پاري جي ڇنڊڇاڻ ڪري، ان ۾ موجود فني خوبين ۽ فڪري حُسناڪين ڪي نہ فقط عيان ڪندي آهي، پر اها انهن تخليقن مان حاصل ٿيندڙ احساساتي آسودگي، جمالياتي حظ ۽ تخليقي لطف ڪي ٻين سان ونڊڻ ۽ ورهائڻ جو ڪردار پڻ ادا ڪندي آهي، اهو ئي سبب آهي جو ادب، شاعري ۽ ٻين فنون لطيفہ سان وابستا شعبن ۾ جماليات ڪي وڏي وقعت حاصل آهي.

ميين شاهہ عِنات جي شاعريءَ تي جمالياتي نُدرتن جي حوالي سان جڏهن مطالعاتي نگاهہ وجهجي ٿي، تڏهن اها فن توڙي فڪر جي لحاظ کان گهڻ رُخي حُسناڪين سان مالامال محسوس ٿئي ٿي. ان ۾ جتي فطرت جي منظرن جي عڪاسي،قدرت جي مظهرن جي جاهہ و جلال جو نقش ۽ صوفياڻي خيالن جي موهيندڙ ۽ حسين منظرڪشي ملي ٿي، اتي مجازي حُسن ۽ انساني سونهن ۽ سُندرتا جو عڪس ۽ احساس پڻ پنهنجي پوري جوت ۽ جمال سان جهلڪندي نظر اچي ٿو.

تارا او تارا، وَنيُون، وِڇاٽو پِريَنِ جو،
سيئي اڱڻ آئيا، جي جِيَ جا جِيارا،
پَسي پِيارا، اَکِينِ آسُون پُنِيُون.
(سر ڪنڀات، د۔1، ص19)

هن جي شاعريءَ ۾ قدرت جي نظارن جو نقش ۽ فطرت جي حُسناڪين جي منظرنگاري اهڙي اثرائتي ۽ محبوب پيرايي ۾ ملي ٿي، جو ائين محسوس ٿئي ٿو ڄڻ تہ ڪنهن مصور ڪئنواس تي نقش نگاري ڪئي هجي. هينين سِٽن ۾ هُن لفظن کان رنگن جو ڪم ڪهڙي نہ فنڪاراڻي انداز سان ورتو آهي، جو انهن ڪي پڙهڻ ۽ جهونگارڻ کان پوءِ اُڀ تي ڇانيل اَڇن توڙي ڪارن ڪڪرن، بهار جي مُند ۽ برسات



جي بوندن جو نہ رڳو عڪس ۽ احساس سامهون اُڀري اچي ٿو پر برسات کان پوءِ وري ماڳ تي موٽي آيل پرين پيارن جو ڳل ڳراٽڙيون پائي مِلڻ ۽ کِلڻ جو منظر پڻ اکين اڳيان تري اچي ٿو.

اَڇا اَنبر اَنبرين، بوندون بس نہ ڪَنِ،
ڪارا ڪڪر ڪوڙ پِيِ، وسڪاري وَسنِ،
سانوڻ مُندَ، سيد چئي، اکيون پيِ پَسنِ،
جي مُحبَ مُهنجي مَنِ، سي مِينهنَ مون لي مِيڙئا.
(سر سارنگ، د۔2، ص158)

ڊاڪٽر محمد علي مانجهي پنهنجي مقالي ۾ لکي ٿو"سنڌ جي اساسي شاعرن ۾ ميين عنات پهريون عظيم شاعر آهي، جنهن توحيد، تصوف ۽ روحاني رازن کان سواءِ انساني سونهن، سوڀيا، سيرت، جوانيءَ جي جذبن، احساسن، ڪيفيتن ۽ سنڌ جي موهيندڙ منظرن وغيره ڪي ڳائي ڪلاسيڪي سنڌي شاعريءَ جي دنيا ۾ هڪ وڏو انقلاب آندو" (مانجهي، 2019: 201).

هن پنهنجي شاعريءَ ۾ توحيد ۽ تصوف جي نقطن ۽ روحاني رمزن ڪي جنهن فلسفياڻي انداز، شاعراڻي ڏات ۽ تخليقي ڏانءَ سان پيش ڪيو آهي، اهو پڻ موهيندڙ ۽ متاثر ڪندڙ آهي. هن جي اظهار ۾ جتي نفاست ڀريو انداز، نماڻي ۽ مُلائم لهجي،متوازن لفظي چونڊ ۽ فڪر جي گهرائي ملي ٿي، اُتي ان ۾ احساساتي تشفي، اميد ۽ ڪمال اعتماد جي نرالي حُسناڪي بہ محسوس ٿئي ٿي. خوبين ۽ ڳُڻن جي موٽ ۾ تہ هر ڪنهن کي محبت ۽ مانُ ملندو آهي، سُنائي تہ سڀ کي وڻندي آهي، پر عيبن ۽ اوڳڻن هوندي، ڪنهن وٽ مانُ ۽ مريادا ماڻڻ جو وشواس ميين عنات جي شاعريءَ ۾ هن ريت ملي ٿو:

اَوَ ڳڻ پائي پَاندِ، پرين! آيس تو مَٽي،
تون پانهجي ڪاندِ، ڪر ڳُڻ اسان سامهان.

اَوَ ڳڻ اَنتُ نہ ڪوءِ، تُونهين ڄاڻين سُپرين!
آسَرَ آهِم پوءِ، ڄِينءَ، اَوَڳڻ مَٽائي ڳُڻَ ڪريَين.
(سر ڪلياڻ، د۔1، ص9)

ميين شاهہ عنايت جو هڪ وڏو ڪارنامو ۽ ڪمال اهو آهي تہ، هن نہ رڳو

لوڪ ۽ ڪلاسيڪي روايتن ڪي سوڌي، سنواري، نئين انداز ۽ احساس سان پنهنجي شاعريءَ ۾ اپنايو. پر وائي ۽ مولود جهڙين صنفن ڪي متعارف ڪرائڻ سان گڏوگڏ پنهنجي شاعريءَ ۾، ٻولي، اسلوب، اساطير، سُر وار ترتيب، تشبيهن، ترڪيبن، علامتن، ڪردارن ۽ موضوعن جو هڪ اَڇوتو نئون ۽ نرمل جهان ساڻ کڻي آيو. هن جي شاعري پنهنجن اڳين سمورن شاعرن کان نہ رڳو مقدار جي لحاظ کان جهجهي ۽ اقدار جي لحاظ کان منفرد آهي، جنهن ۾ 649 بيت ۽ 42 وايون شامل آهن. پر اها تخليق، ترتيب ۽ فني تجربن جي لحاظ کان پڻ نرالي آهي. هن پهريون ڀيرو پنهنجي سموري شاعريءَ کي سُر وار ترتيب ڏئي، 22 سرودن ۾ ورهائي، رسالي جي صورت ڏني، جنهن مان سندس موسيقي سان رغبت ۽ شاعري کي سانپڙ ۽ سانڍڻ جي سليقي ۽ جمالياتي ذوق جي سُڌ پوي ٿي.

هن جون وايون تخليقي توڙي فني تجربن ۾ پنهنجو مثال پاڻ آهن.اهي ستاءَ ۾ هيڪوٽيون، ڏيڍوٽيون ۽ ٻيٽيون هجڻ سان گڏ ٻن، ٽن ۽ ستن کان سورنهن مصراعن تي محيط آهن ۽ موضوعاتي طرح اهي حمديہ، نعتيہ، سماجياتي، ناصحاڻي، عارفاڻي ۽ عاشقاڻي مزاج ۽ مواد تي مشتمل آهن. پر انهن مِڙني ۾ حاوي ۽ نشانبر خوبي، اظهار جو جمال ۽ ترنم جي تازگي آهي، جيڪا ٻُڌندڙ توڙي پڙهندڙ کي پنهنجي مَنڊَ ۾ مُنڊي ڇڏي ٿي. نموني طور 'سر ڪُنڀات' مان هڪ وائي پيش ڪجي ٿي.

ڪا جا ڳالهہ ڪيائون، يا الا! مون مَنُ تِهِين موهيو.
حال حقيقت، مُنهن معرفت، ڏِسي ذات ڏنائون،
يا الا! مون مَنُ تِهِين موهيو.
زر خريد جهانَ ۾، اُنِي جي آئون،
يا الا! مون مَنُ تِهِين موهيو.
(سر ڪنڀات، د ـ 3، ص26)

مبين شاهہ عنات جي واين ۾ ڪٿي حمديہ، نعتيہ ۽ مدحيہ انداز نظر اچي ٿو تہ ڪٿي وري داخلي دردن، پيار جي اُڌمن، وڇوڙي جي ورلاپن ۽ ٻين انيڪ دلي ڪيفيتن جي اُپٽار ملي ٿي، پر ڪجهہ واين ۾ ٻَيچ ۽ سِهري جو ساءُ بہ محسوس ٿئي ٿو. جيئن سندس هيءَ وائي:

ميندي لالَ لائيندءيون، سهيليون!



هٿ ڳاڙها هارَ گُلابَ تِني کي،
سيد شهباز ڪامل قلندر،
در دولهہ سي ايندءيون،
ميندي لالَ لائيندءيون.
(سُر ڏناسري، د ـ 3، ص86)

مبين عنات پنهنجن بيتن ۾، وحدانيت، تصوف، تاريخي واقعن، اخلاقيات، مذهب، محبت، سنڌ جي سورمن ۽ سورمين،حُسن، عشق، حاصلات، وڇوڙي، درد، خوشي ۽ زندگيءَ جي ٻين اهڙن انيڪ موضوعن کي بحث هيٺ آڻي، پنهنجن خيالن ۽ خوابن جون خوبصورتيون اوريون آهن، جيڪي هر وجهہ حسين، پُرتاثر، تخليقي ۽ گهڻ رخي جماليات جو عڪس ۽ احساس آڇن ٿيون.

سَڪَرِ سائي سِڱَ، جا نہ آڇجي عام کي،
سُمهي رَهہُ سيد چئي، ٻِي پيالو پِڱَ،
نِيهُن جِنِي جو نانهِ سين، تِنِي ڏِنِي تِڱَ،
لوڪان چڱي لِڱَ، جي هوءِ حضورِ حبيب سين.
(سر جمن، د ـ 2، ص16)

ڪلاسيڪي سنڌي شاعريءَ جو بنياد توڙي جو قاضي قادن (ڄ ـ 1520ع، و ـ 1551ع) رکيو ۽ ان جي ابتدائي اوسر ۽ اَڏاوت ۾، شاهہ ڪريم (ڄ ـ 1537ع، و ـ 1622ع)۽ لطف الله قادري (ڄ ـ 1611ع، و ـ 1679ع) پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. پر ان کي حقيقي تڪميل تي مبين شاهہ عنات رَسايو آهي، جنهن کان پوءِ ئي انهيءَ ۾ شاهہ لطيف اچي نہ فقط آساس ڪيو پر ان تي وڏيڪ تخليقي ۽ فني پورهيو ڪري، ان عمارت کي اهڙو محل بنايو آهي، جنهن جي نقش و نگار، زيب و زينت، حُسن ۽ جمال کي پَسي، ماڻهوءَ جون اکيون نہ رڳو اُپٽيل ئي رهجي وڃن ٿيون، پر هينئون حيرت ۾ پئجي وڃي ٿو.

مبين شاهہ عنات ڪلاسيڪي سنڌي شاعري کي نہ صرف نيون فني ۽ فڪري روايتون عطا ڪيون، پر ان کي قديم رنگ، رزميہ، ڪٿائي، ناصحاڻي، مذهبي ۽ روايتي اثر مان ڪڍي فلسفياڻي ۽ فڪري جُهتن سان جوڙي، ان کي نہ فقط عصري حالتن جو عڪاس بڻايو آهي، بلڪ ان ۾ تفڪر ۽ تدبر جو روح اوتي، انهيءَ جوڏرتي ۽ ڌرتي ڌڻين سان رشتو ڳنڍي، ان کي نئين نزاڪت ۽ معنويت بخشي آهي.

سنگھارن جي سَنپار، سدا اٿم سومرا،
اکيون اَباڻن لئي، وَسنِ وِيرو تار،
پنھوارن پَچار، راتو ڏينھان روح ۾.
(سر مارئي، د ـ 1، ص49)

شاھہ عنات توڙي جو گھڻو تڻو پنھنجا جذبا ۽ احساس بيت جي صنف ۾ اظھاريا آھن، پر سندس بيت جي فن ۽ فڪر جو ون ۽ واس ئي پنھنجو آھي. فني لحاظ سان ھن جي بيت ۾ ڪيئي تخليقي ۽ نوان تجربا ملن ٿا، جيڪي سندس متقدمين توڙي ھمعصرن مان ورلي ڪنھن وٽ نظر اچن ٿا. بيت ۾ نالي ۽ تخلص جي استعمال جي پھرين روايت بہ ھن وٽ ملي ٿي، تہ شاعري ۾ تضمين جو وکر بہ وٽس ئي موجود آھي ۽ ھو ٻنھي کي اھڙي نفاست ۽ نزاڪت سان پنھنجن بيتن ۾ پچائي ٿو جيئن ھڪ سونارو مُنڊيءَ ۾ ٽِڪَ کي ٽاڪيندو آھي ۽ اھا ان ۾ سونھندڙ ۽ سيبائتي لڳندي آھي، ائين ئي ميين عنات جي بيتن ۾ نالي، ذات، تخلص ۽ تضمين جو استعمال ٺُڙُ ۽ موھيندڙ محسوس ٿئي ٿو.

جِنين جي جھاز کي، ڏٽيءَ جو ڏاڱو،
اُنِي جي 'عنات' چئي، سَفَرُ سياڱو،
تن کي بندر شاھہ بخشئو لقب ۽ لاڱو،
لٿو اکينِ اوجاڱو، وَرِيا وَرَ سُھاڳڻئين.
(سر سِريراڳ، د ـ 2، ص32)

—

سمونڊ کنيو ساھُہ، ڪوڙين موجون اُٿيون،
سُيئي ڪونہ 'سيد' چئي، بحر سندي باھہ،
'وَ اللهُ بِڪُل شيءٍ مُحيط'، مِڙيوئي ئي درياھُہ،
اُڏميو جي اُوڙاھُہ، ذات مِڙيائي ھيڪڙي.
(سر سِريراڳ، د ـ 2، ص33)

بيتن ۾ وراڻ ۽ لفظي تڪرار جون مختلف ۽ متاثر ڪندڙ ورجيسون بہ ھن جي بيتن ۾ جھجھيون ملن ٿيون، جيڪي نہ رڳو سِٽن ۾ رواني ۽ ترنم کي پيدا ڪن



ٿيون، پر انھن جو لفظي ورجاءُ ۽ صوتي سِٽاءُ سماعتن کي ھڪ عجيب آنند ۽ سُرور پڻ آڇي ٿو.

سيئي پورب پارَجِي، ٿَن خبر پيئي کَرِي،
تڪيا تاڪي ڇڏيا، ويراڳين وري،
سنياسين سَرِي، ھُو جا مالھا مَنَ جي.

—

ھُو جا مالھا مَنَ جي، سَري سنياسين،
اُني جا 'عِناتُ' چئي، تڪيا تاڪ وجن،
جي پورپ ٿا پَسجنِ، ھلو تہ ڏوريون اُن کي.

—

ھلو تہ ڏوريون اُن کي، جي جمنا جُھارين،
'ناني' ۽ 'ناراڻ سر'، ڳوِيسَرَ ڪاھين،
لوڪَ نہ لَکائين، سَڙنِ، سَلنِ، ڪينڪي.
(سُر رامڪلي، د ـ 2، ص42)

مٿين بيتن ۾ اندر لائين ٿيل سِٽون ۽ لفظ، تڪرار ۽ لفظي ورجاءَ جو نمونو آھن.

ميين عنات پنھنجي شاعريءَ ۾ ترنم، رس ۽ رچاءُ پيدا ڪرڻ لاءِ ٻين ڪيترن ئي فني گُرن کي استعمال ڪرڻ سان گڏوگڏ تجنيس حرفي کي بہ ڪمال ڪاريگريءَ سان ڪَتب آندو آھي.

قَرقُلَ قوتا، پَارِچا، پاتائون پُڙيُون،
اُني کي 'عناتَ' چئي، قير نہ ڪَن قُڙِيوُن،
جي ڇُھي منجھہ ڇُڙيون، سي ٻِيڙيُون رکين ٻاجھہ سين.
(سُر سِرراڳ، د ـ 1، ص28)

ھن جي بيتن ۾ سلاست ۽ جدت جو ھڪ جھان موجود آھي، جيڪو ھڪ الڳ مقالي جي تقاضا ڪري ٿو پر سندس سِٽن ۾ جيڪا رواني، موسيقيت ۽ لھرن جھڙي نغمگي ملي ٿي، اھا سچ تہ مُرده دلين ۾ زندگيءَ جو رقص پيدا ڪري سگھي ٿي.

ميين شاھہ عنات نہ فقط بيت جي سِٽن ۽ سٽاءُ ۾ ڪيئي منفرد ۽ سونھندڙ اضافا

ڪيا آهن، پر ان ۾ موضوعاتي لحاظ کان پڻ وڏي وسعت پيدا ڪئي آهي.بقول ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي، ”شاهہ عنات جي بيتن جي مضمون ۾ رنگارنگي ۽ تَنوع آهي. ان ۾ تصوف ۽ اخلاقيات جا مضمون بہ ملن ٿا تہ، حسن ۽ عشق توڙي هجر ۽ وصال جو بيان بہ نظر اچي ٿو. سنڌ جي ثقافت ۽ رهڻي ڪهڻيءَ جي تصوير بہ ملي ٿي تہ، معاشي ۽ معاشرتي حالتن جو احوال بہ ملي ٿو. نہ فقط ايترو پر رومانوي داستانن جي تمثيلن ۽ علامتن ذريعي هر نُڪتي کي چِٽائيءَ سان بيان ڪيو ويو آهي“ (ميمڻ، 1996: 376).

شاهہ عنات پنهنجن بيتن ۾ سنڌ جي سورمن ۽ سورمين جي سونهن ۽ سُندرتائن کي بہ خوب ساراهيو آهي.اها سهڻي هجي يا سسئي، مارئي هجي يا مومل، سورٺ هجي يا ليلا، انهن جي صفتي گڻن کي ساراهڻ سان گڏوگڏ سندن جسماني جمال کي بہ ڏاڍي موهيندڙ ۽ لطيف انداز سان بيان ڪيو آهي. سندس سورمين مان صرف نوري جو مثال ٿي وٺنداسين، جنهن جي سونهن ۽ سوڀيا جو نقش هن ريت چِٽي ٿو:

تهڙو ڪِنجهر ۾ ڪِينَ ٻئو، جهڙي سونهن سندياس،
مَڏ، مِياڻيون، مَڪُرَا، مڙيئي معاف ٿِئاسِ،
رِيسَ راڻِين چَڏئِي، ويهي ڪانہ وَٺاسِ،
مورچَل مَٿاسِ، اُڀو تماچي هَٿي.
(سُر ڪاموڏ، د ـ 1، ص167)

شاهہ عنات جي شاعريءَ جي ٻولي سُپڪ، سولي، سادي ۽ سوادي آهي. ان ۾ اَروڪ ۽ اَجهل فطري ترنم ۽ ڪمال جي نغمگي ملي ٿي. سندس شاعريءَ ۾ خيال جي ڳوڙهائي، نئين لغت جو ذخيرو، موضوعن جي وسعت، محاورن ۽ لوڪ ڏاهپ جي نقطن جي واهپي ۽ احساس جي رنگيني کان علاوه جيڪا تخيل، تصور ۽ تفڪر جي حُسناڪي ملي ٿي، اها بلاشہ موهيندڙ ۽ متاثر ڪندڙ آهي ۽ اهي خوبيون ئي ميين شاهہ عِنات کي هڪ جدت پسند ۽ حيات بخش جماليات جي شاعر جي شناخت عطا ڪن ٿيون.

**حوالا:**


- سميجو اسحاق، ڊاڪٽر، (مرتب) (2019)، مِيون شاهہ عنات رضوي، حيدرآباد





سنڌ: حضرت ميون شاهہ عنات فائونڊيشن،.
- سنڌي، ميمڻ، عبدالمجيد (1996) سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس، حيدرآباد سنڌ: روشني پبليڪيشن.
- مهراڻي، شير،ڊاڪٽر (2016)، جماليات تنقيدي جائزو، ڪراچي سنڌ: سوجهرو پبليڪيشن.

paulford.com/what-is-aesthetics


**نوٽ:** سمورا بيت ۽ وايون سيد ضياءَ عباس جي مرتب ڪيل ’ميين شاهہ عنات جي رسالي‘ تان ورتل آهن.